

هفتيوار رسالو

# حضرت بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ

هاڻي اوهان ڪامل ٿي چڪا آهيو

حج جي سفر جو نرالو انداز

سالن کان مخلص دل جي طلب

گناهه جي ياد سبب پگهر


شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتہم العالیہ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج۱ ص۴۰ دار الفکر بیروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: **حضرت بايزيد بسطامي** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡهِ

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبۃ المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبۃ المدينہ سان رابطو فرمايو.

# حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگرانپراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

UAN:☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ

**عطار جي دعا:** ياالله پاڪ جيڪو بہ هي رسالو ”حضرت بايزيد بِسطامي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ “ مڪمل پڙهي يا ٻڌي ان کي هميشہ پنهنجي نيڪ ٻانهن سان محبت ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (درود شريف جي فضيلت)

سَروَرِ ذيشان، رحمتِ عالَميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: مون تي گهڻو درود پاڪ پڙهو بيشڪ اوهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ اوهان جي گناهن لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير، ص87، حديث: 1406)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ علٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم جو ذڪرِ خير رحمت نازل ٿيڻ جو سبب هوندو آهي ۽ ان سان ايمان کي تازگي، حرارت ۽ واڌارو نصيب ٿيندو آهي، ۽ معلومات جو اَمُلهہ خزانو بہ هٿ ايندو آهي، مطلب تہ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ اصلاح جا هزارين مدني گل هوندا آهن. اچو! الله پاڪ جي هڪ ولي حضرت سَيِدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ جي زندگيءَ جا ڪجهہ مختصر واقعا پڙهون.

## مادرزاد ولي

حضرت سَيِدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ مادر زاد ولي هئا، سندن ولايت جون نشانيون ان وقت کان ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويون هيون جڏهن پاڻ پنهنجي والده سائڻ جي پيٽ ۾ هئا،

جيئن تہ سندن والده فرمائن ٿيون: جنهن وقت ”بايزيد“ منهنجي پيٽ ۾ هو، جيڪڏهن انهن ڏينهن ۾ ڪا مشتبھ شيءِ (يعني جنهن جو حلال ۽ حرام هجڻ معلوم نہ هجي) منهنجي پيٽ ۾ هلي ويندي هئي تہ مون کي ان وقت تائين گهڻي بيچيني رهندي هئي جيستائين مان پنهنجي نِڙيءَ ۾ آڱر وجهي قَي ڪري ان کي ڪڍي نہ ڇڏيندي هئس. (تذکرة الاولياء، 129/1)

اي عاشقانِ اولياء! حرام تہ پري جي ڳالھ آهي، اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم مشتبھ شين کان بہ بچندا هئا جڏهن تہ اڄڪلھ صورتحال ايتريقدر نازڪ آهي جو جنهن شيءِ جو حرام هجڻ يقيني هوندو آهي ان جي بہ ڪا پرواھ نہ ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي بہ ڪائي ڇڏيندا آهن جيئن تہ ڪجھ ماڻهو سُودي ڪاروبار ڪري، رشوت وٺي، ماپ تور ۾ ڪمي بيشي ڪري ۽ ڪاروبار ۾ ڪوڙ ڳالهائي حرام ڪمائيندا ۽ ڪائيندا آهن. ائين ئي گهڻا ماڻهو ملازمت دوران ڊيوٽي پوري ناهن ڪندا پر پگهار پوري وٺندا آهن ۽ ان کي بنا اوڳرائي جي هضم ڪري ويندا آهن ۽ انهن کي ان ڳالھ جو احساس بہ نہ ٿيندو آهي چو تہ انهن جا ضمير مُردا ٿي چڪا آهن.

## والده جي خدمت

حضرت سَيِدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ پنهنجي والده سڳوري جا تمام گهڻا فرمانبردار هئا، ان جي برڪت سان الله پاڪ انهن کي تمام اعليٰ مقام عطا فرمايو هو، جيئن تہ پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِپنهنجي باري ۾ پاڻ ئي ارشاد فرمائن ٿا: مون کي الله پاڪ جيڪا ايڏي عظمت ۽ شان عطا فرمايو آهي ان جو سبب اهو آهي تہ مون پنهنجي والده جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. (تذکرة الاولياء، 132/1 ماخوذاً)

حضرت سَيِدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ پنهنجي والده جا ايترا فرمانبردار هئا جو ان جو مثال تمام گهٽ ملندو آهي، ان باري ۾ پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ جو هڪ واقعو پيشِ خدمت آهي.

## پاڻي ڪٽي سڄي رات بيٺا رهيا

سَيِدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو سردين جي سخت رات ۾ منهنجي والده مون کان پاڻي گهريو، جڏهن مان گلاس ۾ پاڻي ڪٽي آيس تہ

منهنجي والده کي ننڊ اچي چڪي هئي، مان پاڻي کڻي پنهنجي والده جي سيرانديءَ کان بيٺو رهيس، ايستائين جو سخت سردي سبب پاڻي گلاس ۾ برف بڻجي ويو، جڏهن والده اٿي ته ماءُ جي ممتا جوش ۾ آئي ۽ پڇيائين: پٽ! ڇا تون پاڻي کڻي سڄي رات بيٺو رهين؟ مون عرض ڪيو: جي ها. اوهان پاڻي گهريو هو ۽ جڏهن مان پاڻي کڻي حاضر ٿيس ته اوهان سمهي چڪيون هيون ۽ ادب ان ڳالهه جي اجازت نه پيو ڏئي ته مان اوهان کي ننڊ مان اٿاريان ۽ ڪٿي ائين نه ٿئي جو اوهان ننڊ مان اُٿو ۽ پاڻي موجود نه هجڻ سبب اُڃ جي ڪري تڪليف ۾ مبتلا ٿيو، تنهنڪري پاڻي کڻي بيٺو رهيس. (تذکرة الاولياء، 132/1 ماخوذاً)

اي عاشقانِ رسول! يقين ڄاڻيو! والدين جي اطاعت جي جذبي سان سرشار سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ جي انهن واقعن ۾ اسان لاءِ وڏو درس آهي. هڪ طرف ته سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ هئا جن پنهنجي ماءُ جو ايترو خيال رکيو جو بلند درجا حاصل ڪيا، جڏهن ته ٻئي طرف اسان جهڙا بيڪار ماڻهو آهن جو جن جو ظاهر پرهيزگاريءَ جو اعلان ڪري رهيو هوندو آهي ۽ ظاهر ۾ تمام نيڪ صورت ۽ عاشقِ رسول نظر اچي رهيا هوندا آهن پر حالت اها هوندي آهي جو جيڪڏهن ماءُ ويچاري ڪا ڳالهه ڪري ته پهرين ته ٻڌندا ئي ناهن ۽ جيڪڏهن ٻڌندا به آهن ته هڪدم جهٽڪندا يا ڇڙٻ ڏئي چپ ڪرائي ڇڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن ماءُ جي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته هڪدم ڇڙٻ ڏئي اهڙا جملا ڳالهائيندا آهن: ”مون وٽ ٽائم ناهي، مان سمهي رهيو آهيان، مغز کائي ڇڏيو اٿئي وغيره وغيره.“ غور ڪريو! جڏهن اسان جو پنهنجي والده سان گفتگو ڪرڻ جو انداز اهڙو هوندو ته پوءِ اسان جي دل عبادت ۾ ڪيئن لڳندي؟ اسان جي گناهن جي عادت ڪيئن ختم ٿيندي؟ اسان جو ضمير ڪيئن سُجاڳ ٿيندو؟ عبادتن ۾ خشوع ۽ خضوع ڪيئن پيدا ٿيندو؟ افسوس! نه ڄاڻ ڪيترا پيرا اسان ماءُ پيءُ کي ڇڙٻيندا آهيون! جيڪڏهن ڪو ان ڪري ماءُ پيءُ کي ڇڙٻي ٿو ته اهي نماز نٿا پڙهن ته ان جي به اجازت ناهي ڇو ته اهو انهن جو ۽ انهن جي رب جو معاملو آهي. اسان لاءِ حڪم اهو آهي ته ماءُ پيءُ شريعت جي دائري ۾ رهندي جيڪو به حڪم ڏين اسان انهن جي اطاعت ڪريون البت جيڪڏهن ماءُ پيءُ شريعت جي خلاف ورزي ڪرڻ جو چون ته ان صورت ۾ انهن جي اطاعت نه ڪئي ويندي. يقيناً خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جن جا ماءُ پيءُ انهن کان راضي ٿي دنيا مان لاڏاڻو ڪندا آهن.

# خوش نصيب ماڻهو

اميراهل سنت، مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمائن ٿا:

اَلْحَمْدُلِلّٰه! ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري جي حوالي سان منهنجي دل تمام گهڻو مطمئن آهي ۽ اهو اهڙي طرح جو مون والد جو سايو ڏٺو ئي ناهي! شايد اجا منهنجي عمر ڏيڊ يا ٻہ سال هئي جو والد صاحب جو انتقال ٿي ويو تہ اهڙي طرح مون کي والد صاحب سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو موقعو ئي نہ مليو، انهن کي ناراض ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي. منهنجي والده حيات هئي اَلْحَمْدُلِلّٰه! اها دنيا مان ان حال ۾ وئي جو اها مون کان خوش هئي. ڪو بعيد ناهي جو اڄ جيڪو گهڻن ماڻهن جو لاڙو مون طرف آهي اهو منهنجي والده جو مون کان خوش هجڻ جي برڪت سان هجي.

منهنجي والده جو انتقال خميس جي ڏينهن ٿيو هو پر ان کان ٿي ڏينهن پهريان آچر جي ڏينهن ڪين دل جو دورو پيو هو، جنهن کي گهر جا ڀاتي نہ سمجهي سگهيا پر مون کي شڪ پئجي ويو هو تہ هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي سو مون گهر وارن کي گڏ ڪري اجتماعي طور تي توبہ ڪرائي ۽ اهڙي طرح اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجي والده بہ توبہ ڪئي ۽ ڪلمو شريف پڙهيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! منهنجي والده کي ايمان جو ايترو فڪر هو جو جيڪڏهن ڪنهن جي وات مان ڪو نامناسب جملو نڪري ويندو هو تہ سيني گهر وارن کي چوندي هئي تہ توبہ ڪريو ۽ ڪلمو پڙهو ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن مون کان پڇندي هئي تہ منهنجي وات مان فلاڻو جملو نڪري ويو، ڪٿي ڪفر تہ ناهي؟

آخري ڏهاڙي خميس جي ڏينهن صفر شريف جي سترهين رات هئي ۽ مان هڪ اجتماع ۾ شريڪ هيس، ايتري ۾ مون کي گهر ڏي سڏيو ويو تہ جلدي گهر اچ، جڏهن مان گهر پهتس تہ منهنجي والده جي زبان بند ٿي چڪي هئي ۽ اها سڪرات جي عالم ۾ هئي، پوءِ اسان يٰس شريف جي تلاوت ڪئي تہ ان دوران تقريباً 10:15 وڳي انهن جو روح آسانيءَ سان نڪري ويو. بعد ۾ مون کي منهنجي وڏي ڀيڻ ٻڌايو تہ والده جي زبان ڪلمو شريف پڙهندي ۽ استغفار ڪندي بند ٿي هئي، اها اوهان کي تمام گهڻو ياد ڪري رهي هئي ۽ بار بار چئي رهي هئي تہ منهنجي لال کي جلدي سڏي اچو ڪٿي هو مون کان پري نہ رهجي وڃي، انتقال واري ڏينهن عشاء کان پهريان مون پنهنجي والده سان گڏ ماني کاڌي ۽ جڏهن

مان نماز جي ادائگي لاءِ وڃڻ لڳس تہ منهنجي والده مون کي چوڻ لڳي: ويجهو اچ مان اوهان جا هٿ چمندس، مون عرض ڪيو: اوهان منهنجا نہ بلڪ مان اوهان جا هٿ چمندس، بهرحال منهنجي والده ان حال ۾ دنيا مان وئي جو مون کان تمام گهڻو خوش هئي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بِتَقاضائِ بَشَرِيَّت ڪڏهن ڪڏهن انسان کان ماءُ پيءُ جي نافرماني ٿي ويندي آهي تنهنڪري شَبِ براءت، رمضان شريف جي آمد ۽ ٻين ننڍن وڏن ڏينهن ۾ وقتاً فوقتاً پير پڪڙي، هٿ جوڙي والدين بلڪ ٿي سگهي تہ سيني گهر وارن کان معافي ونجي. جيترو ممڪن هجي ماءُ پيءُ کي خوش رکو، جيڪڏهن ماءُ پيءُ پئسا گُهرن تہ وڌائي پيش ڪريو مثال طور هڪ گهرن تہ پنج ۽ 10 گهرن تہ 50 ڏيو ۽ اهڙي طرح ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري انهن جون دعائون حاصل ڪريو اِنْ شَآءَالله ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿيندو. بس ان ڳالهہ جو خيال رکو تہ جيڪڏهن والدين شريعت جي خلاف ڪو حڪم ڏين تہ ان کي نہ مڃو مثال طور ماءُ پيءُ ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو چون تہ نہ ڪوڙايو جيڪڏهن ڪوڙائيندا تہ گنهگار ٿيندا. ياد رکو! جنهن معاملي ۾ الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم موجود هجي ان جي خلاف خواهہ ماءُ پيءُ هجن يا ڪو ٻيو، ڪنهن جي بہ اطاعت جائز ناهي.

## هڪ ئي وقت ٻن هستين جو حق ادا نٿو ٿي سگهي

حضرت سَيِّدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي والده جي تمام گهڻي خدمت ڪندا هئا ۽ انهن کان دعائون وٺندا هئا، هڪ ڀيرو پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه مَڪْتَب (يعني مدرسي) ۾ سورت لقمان جي تلاوت ڪري رهيا هئا، جڏهن هن آيت سڳوري تي پهتا:

﴿اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَ لِوَالِدَیْكَ﴾ ترجموڪنزالايمان: ”تہ شڪر ڪر منهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو.“ (پ21، لقمان: 14)

تہ پنهنجي والده وٽ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: مون کان هڪ ئي وقت ٻن هستين (يعني اوهان ۽ الله پاڪ) جو حق ادا نٿو ٿي سگهي تنهنڪري يا تہ اوهان مون کي الله پاڪ کان گهري وٺو تہ مان اوهان جي خدمت ڪندو رهان يا وري پنهنجا سڀ حق معاف ڪري مون کي الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ مان ان

جو شڪر ادا ڪريان. چو تہ سندن والده وڏي پرهيزگار ۽ نيڪ عورت هئي سو هن چيو: پٽ! مان پنهنجي سمورن حقن کان دستبردار ٿي توکي الله پاڪ جي حوالي ڪريان ٿي. ان کان پوءِ سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ ملڪ شام تشريف وٺي ويا ۽ اتي وڃي الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. پاڻ ٽي سال صحرائن ۾ مجاهدا ڪندا رهيا ۽ ان دوران يادِ الٰهي جو ايترو غلبو هو جو ماني بہ نہ کائيندا هئا. ياد رکو! اهڙن کي روحاني غذا عطا ڪئي ويندي آهي يعني الله پاڪ غيب مان اهڙيون قوتون عطا فرمائيندو آهي جو کائڻ پيئڻ جي ضرورت ناهي رهندي.

## هاڻي تون ڪامل ٿي چڪو آهين

حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ ڪيئي اولياءِ ڪرام رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِم جون زيارتون ڪيون ۽ انهن جي صحبت ۾ رهي خوب فيض حاصل ڪيو. انهن هستين مان هڪ هستي حضرت سَيدُنا امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِجي بہ آهي. سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِهڪ عرصي تائين سَيدُنا امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِجي خدمت ۾ رهيا. هڪ ڀيرو سَيدُنا امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ فرمايو: اي بايزيد! فلاڻي طاق ۾ جيڪو ڪتاب رکيل آهي اهو کڻي اچ. عرض ڪيائين: حضور! اهو طاق ڪٿي آهي؟ سَيدُنا امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِارشاد فرمايو: تون ايترو عرصو مون وٽ رهيو آهين پر اڃا تائين توکي اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ طاق ڪٿي آهي؟ عرض ڪيائين: حضور! طاق تہ پري جي ڳالهہ آهي مان تہ اوهان جي صحبت ۾ رهندي ڪڏهن مٿي چهرو کڻي بہ نہ ڏٺو آهي، اهو ٻڌي سَيدُنا امام جعفر صادق رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون: هاڻي تون ڪامل ٿي چڪو آهين، بسطام واپس هليو وڃ. (تذكرة الاولياء، 130/1 ملتقطاً)

اي عاشقانِ اولياء! جڏهن پاڻهو پنهنجي بزرگن، استادن يا مشائخ جي صحبت حاصل ڪري تہ هيڏي هوڏي نهارڻ، ڪنهن کي ڇيڙڻ ۽ ڪنهن جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي بجائي سِرُ جهڪائي باادب ويهي رهي ۽ پاڻ کي خالي پيالو تصور ڪري چو تہ جيڪو ٿانءُ خالي هوندو آهي ان ۾ ئي ڪجهہ پريو ويندو آهي ۽ جيڪو اڳ ۾ ئي ڀريل هوندو ان ۾ وڌيڪ ڪجهہ نہ ڀري سگهبو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو عالمن يا مشائخ وٽ ويندا آهن تہ انهن کان طرح طرح جا سوال ڪري انهن جو

امتحان ونندا آهن جڏهن تہ انهن کي اهو معلوم ناهي هوندو تہ انهن جو پنهنجو امتحان ورتو پيو وڃي. ياد رکو! جيڪڏهن عقيدت ڪامل هجي تہ فيض ضرور ملندو آهي ۽ ڪيئن ملندو آهي ؟ ان جو اندازو هن حڪايت مان لڳايو، جيئن تہ

## معذور ٻار هلڻ ڦرڻ لڳو

ڌاڙيلن جو هڪ ٽولو ڦرلٽ لاءِ نڪتو، ان دوران هنن هڪ مسافرخاني ۾ قيام ڪيو ۽ اتي اهو ظاهر ڪيائون تہ اسان راهِ خدا جا مسافر آهيون. مسافرخاني جو مالڪ نيڪ ماڻهو هو ان رضاءِ الٰهي جي نيت سان انهن جي تمام گهڻي خدمت ڪئي، صبح جو اهي ڌاڙيل هڪ پاسي روانا ٿي ويا ۽ ڦرلٽ ڪري شام جو واپس اتي ئي اچي ويا. گذريل رات مسافرخاني واري جي جنهن چوڪري کي هلڻ ڦرڻ کان معذور ڏٺو هو، اهو اڄ بنا تڪلف جي گهمي ڦري رهيو هو! انهن تعجب سان مسافرخاني واري کان پڇيو: ڇا هي اهو ئي ڪلهہ وارو معذور چوڪرو ناهي؟ ان نهايت احترام سان جواب ڏنو: جي ها، هي اهو ئي آهي. پڇيائون: اهو ڪيئن صحتياب ٿيو؟ جواب ڏنائين: اهو سڀ اوهان جهڙن راهِ خدا جي مسافرن جي برڪت آهي، ڳالهہ هيءَ آهي تہ اوهان جيڪو ڪاڌو ڪاڌو هو ان مان ڪجهہ بچي پيو هو، اسان اوهان سڀني جي اوبر شفا جي نيت سان پنهنجي معذور ٻار کي ڪارائي ۽ اوبر پاڻيءَ سان ان جي بدن تي مالش ڪئي، الله پاڪ اوهان جهڙن نيڪ ٻانهن جي استعمال ٿيل ڪاڌي ۽ پاڻي جي برڪت سان اسان جي معذور ٻار کي شفا عطا فرمائي. جڏهن ڌاڙيلن اهو ٻڌو تہ انهن جي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا، انهن روئندي چيو: اهو سڀ اوهان جي حُسنِ ظن جو نتيجو آهي نہ تہ اسان تہ سخت گنهگار آهيون، ٻڌو! اسان راهِ خدا جا مسافر نہ بلڪ ڌاڙيل آهيون، الله پاڪ جي هن ڪرم نوازيءَ اسان جي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي، اسان اوهان کي گواهہ بڻائي توبہ ڪريون ٿا، پوءِ انهن ماڻهن تائب ٿي نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ مرڻ گهڙي تائين توبہ تي ثابت قدم رهيا. (قليوبي، ص20 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڌاڙيلن جي اوبر سان معذور ٻار نيڪ ٿي ويو، هي مسافر خاني جي مالڪ جي سچي عقيدت جو نتيجو هو جو ان ڌاڙيلن کي راهِ خدا جو مسافر سمجهي انهن جي خدمت ڪئي نہ تہ حقيقت ۾ اهي ڌاڙيل هئا. ياد رکو! ڳالهہ سچي عقيدت جي آهي، جيڪڏهن اسان ڪنهن شيءِ کي عقيدت جي نظر سان ڏسنداسين تہ اسان کي ڪجهہ ٻيو نظر ايندو ۽ ان

ئي شيءِ کي جيڪڏهن تنقيد جي نظر سان ڏسنداسين ته ڪجهه بيو نظر ايندو. جيڪڏهن اسان ڪنهن شخص وٽ محبت ۽ عقيدت سان حاضر ٿينداسين ته اسان کي ان جي پگهر مان به خوشبو ايندي ۽ جيڪڏهن تنقيد جي نيت سان وينداسين ته ان جي خوشبو مان به بدبو ايندي.

## قبلي طرف ٿُڪڻ واري جي حڪايت

سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ ادب جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا ايتريقدر جو جيڪڏهن ڪنهن کي خلافِ ادب ڪو ڪم ڪندي ڏسندا هئا ته ان جي صحبت اختيار ڪرڻ کان بچندا هئا جيئن ته هڪ ڀيري سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ هڪ بزرگ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا جن جو پاڻ وڏو نالو ٻڌو هو، اتفاقاً ان بزرگ قبلي طرف منهن ڪري ٿڪيو ته پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ اتان واپس تشريف وٺي آيا ۽ ارشاد فرمايائون: هي شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آداب مان هڪ ادب تي اَمين ناهي ته پوءِ جنهن شيءِ (يعني ولايت) جي دعويٰ ڪري ٿو ان تي ڪيئن اَمين هوندو؟ (رساله قشيريه، ص38 ملتقطاً)

## رستي ۾ نه ٿڪيندا هئا

سَيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ جي ادب جو هي حال هو ته جڏهن نماز لاءِ مسجد جي طرف ويندا هئا ته ان ڪري رستي ۾ نه ٿڪيندا هئا جو هاڻي مان الله پاڪ جي بارگاه ۾ پيش ٿيڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان. (تذكرة الاولياء، 130/1 ملتقطاً)

غور ڪريو! اسان جي حالت اها آهي جو اسان بغير سوچي سمجهي جتي چاهيون اتي ٿڪي ڇڏيندا آهيون ايستائين جو ڪجهه ماڻهو مڪي شريف ۽ مديني شريف جي گهٽين ۾ به ٿڪيندا ۽ نڪ صاف ڪندا آهن حالانڪ هي اهي مبارڪ گهٽيون آهن جن کي الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ قدمن کي چمڻ جي سعادت حاصل تي. ها! جن ڪمن ۾ ماڻهو مجبور هجي ته اها الڳ ڳالهه آهي مثال طور طبعي حاجت جهڙي معاملي ۾ ماڻهو لاچار آهي پر گهٽين ۽ روڊن تي ٿڪڻ جي معاملي ۾ ڪهڙو لاچار آهي. ياد رکو! گهٽين ۽ روڊن تي ٿڪڻ هوڻئن به ادب جي خلاف آهي ۽ مڪي مڪرم ۽ مديني منور جهڙن مقدس شهرن ۾ ته تمام گهڻو احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي. مطلب ته اسان جيترو ادب ڪنداسين ان شاءَ الله اوترو نفعو حاصل ڪنداسين.

## ”باادب با نصيب، بي ادب بي نصيب“

بهرحال جيستائين ٻانهو شريعت تي عمل ناهي ڪندو تيستائين طريقت ۾ ڪو مقام حاصل ناهي ڪري سگهندو. هن دور ۾ ڪجهه ماڻهو نمازون قضا ڪندا ۽ ڏاڙهي ڪوڙائيندا يا هڪ مُٺ کان ننڍي رکندا آهن پر ان جي باوجود پاڻ کي طريقت وارو سڏائيندا ۽ وڏي فخر سان طريقت جي دعوا ڪندا آهن. عوام الناس جي علم دين کان پري هجڻ جي ڪري اڄڪلهه گهڻا ماڻهو طريقت جي نالي تي پنهنجا پنهنجا دڪان هلائي رهيا آهن.

## حج جي سفر جو نرالو انداز

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن اسان حج لاءِ ويندا آهيون ته پنهنجي گهر تي حج مبارڪ جو بورڊ لڳرائيندا آهيون ۽ وڏي شان و شوڪت سان احرام ٻڌي ائيرپورٽ تي تصويرون ڪيرائيندا آهيون پر سيدُنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ جي سفرِ حج جو انداز وڏو نرالو هو جيئن ته پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ سفر دوران هر ٻه ٽن قدمن تي ٻه رڪعت نماز پڙهندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا: چو ته مان تمام وڏي بادشاهه جي دربار ڏانهن وڃي رهيو آهيان ان ڪري مون کي انهي انداز سان وڃڻ گهرجي. هن نرالي انداز سان حج جو سفر طئي ڪرڻ ۾ سندن رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ کي مکي مڪرم پهچڻ تائين 12 سال جو عرصو لڳو. (تذکرة الاولياء، 130/1 ملتقطاً)

## ”سامان اُٺ تي آهي يا ڪنهن ٻي شيءِ تي؟“

(حج ڪرڻ کان پوءِ) ٻئي سال حضرت بايزيد رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ مديني شريف جو ارادو فرمايو، جڏهن پاڻ مديني شريف جي حاضريءَ لاءِ روانا ٿيا ته سوين ماڻهو سندن گڏ هليا. چو ته پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ اڪيلائي پسند هئا ۽ پنهنجي چوڌاري ماڻهن جو ميڙ پسند نه ڪندا هئا (**چوته عام طور تي ماڻهو تعريفون ڪري ٻه هرويرو انسان کي پڏائيندا آهن ۽ جيڪا عبادت هو ڪرڻ چاهيندو آهي، اها ڪيس ڪرڻ نه ڏيندا آهن**).
انهن ماڻهن کان جان ڇڏائڻ لاءِ سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ هيءَ اٽڪل ڪئي ته هڪ اُٺ تي تمام گهڻو بار ستي ڇڏيو، جنهن تي ماڻهن کي وڏو تعجب ٿيو ۽ اهي حيرت مان چوڻ لڳا: توهان ايترو بار هڪ بي زبان جانور تي رکي ڇڏيو!

پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ارشاد فرمايو: ٿورو غور سان ڏسو! سامان اُٺ تي آهي يا ڪنهن ٻي شيءِ تي؟ جڏهن ماڻهن غور سان ڏٺو ته معلوم ٿيو ته سامان اُٺ تي نه بلڪ هوا ۾ معلق (يعني لٽڪيل) آهي. هي منظر ڏسي ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويا. پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه انهن کي فرمايو: مون توهان کان پاڻ کي لڪايو ته توهان کي منهنجي باري ۾ اها بدگماني ٿي ته مون بي زبان جانور تي ايترو سارو بار سٽي ڇڏيو ۽ هاڻي جڏهن حقيقت ڏيکاريان ٿو ته توهان ۾ ان کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو ناهي. هي چئي پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه انهن سيني کان پنهنجي جان ڇڏائي. (تذکرة الاولياء، 131/1 ملتقطاً)

## 30 سالن کان مخلص دل جي طلب

هڪ ڀيري هڪ شخص حضرت سيدنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: سائين! خلوصِ دل سان مون تي اهڙي نظر ڪرم ڪريو جو منهنجو ڪم ٿي وڃي. پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ارشاد فرمايو: مان 30 سالن کان الله پاڪ کان مخلص دل گهري رهيو آهيان ۽ سندس بارگاهه ۾ عرض ڪري رهيو آهيان ته اي الله! مون کي دل جو خلوص عطا فرماءِ پر اجا تائين مان دل جو خلوص حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو آهيان. تنهنڪري جڏهن منهنجي پنهنجي دل اخلاص کان خالي آهي ته توهان لاءِ اخلاص جي نظر ڪٿان آڻيان؟

(تذکرة الاولياء، 146/1 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڀهرين دور جا ماڻهو پنهنجي بزرگن سان ڪيتري عقيدت رکندا هئا ته جيڪڏهن اهي خلوصِ دل سان هڪ نظر وجهن ته سندن ڪم ٿي وڃن. ان سان گڏ انهن بزرگن جي عاجزي ۽ انڪساري ڪيڏي هئي جو جڏهن انهيءَ شخص سيدنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه کان اخلاص سان نظر وجهڻ جو مطالبو ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه پنهنجي مخلص هجڻ کي تسليم ئي نه ڪيو ۽ انهي شخص کي ٽاري ڇڏيو.

## خوفِ خدا جو غلبو

هڪ ڀيري حضرت سيدنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه خوفِ خدا جي غلبي جي ڪري ڏڪڻ لڳا. ان تي سندن هڪ مريد کي ڏاڍو تعجب ٿيو ۽ عرض ڪيائين: خوفِ خدا ته اسان کي به حاصل آهي پر توهان تي اها ڪيفيت ڪيئن طاري ٿي

وئي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: مون کي 30 سالن جي محنت ۽ نفس جي رياضت سان جيڪو مقام حاصل ٿيو اهو مان توکي هڪ لمحي ۾ ڪيئن سمجهائي سگهندس؟ (تذڪرة الاولياء، 146/1 ملتقطاً)

اي عاشقانِ اولياءِ! ڏٺو اوهان! سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ 30 سالن تائين رياضتِ نفس ڪئي تڏهن وڃي ڪيس هي مقام حاصل ٿيو جڏهن ته اسان اهو چاهيندا آهيون ته اسان کي هڪدم ئي سڀ ڪجهه حاصل ٿي وڃي ۽ هڪدم ئي سڀ ڪجهه سکي وٺون. ڪڏهن ڪڏهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ وارن جي اها ئي خواهش هوندي آهي ته هو جلد از جلد مبلغ بڻجي وڃن. ڏسو! ٻار اجا ڳالهائڻ سکي ۽ چوي ته منهنجي هٿ ۾ ميٽرڪ جي سند اچي وڃي ته ائين ممڪن ناهي بلڪ ان لاءِ ڪيس ڏهه سالن تائين محنت ڪرڻي پوندي تڏهن وڃي ميٽرڪ جي سند حاصل ٿيندي.

## اسلامي فوج جي مدد

سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ ولايت جي اعليٰ مرتبي تي فائز، صاحبِ ڪرامت بزرگ هئا، جيئن ته هڪ ڀيري ملڪِ روم ۾ مسلمانن جي ڪافرن سان جنگ ٿي ته اسلامي فوج پوئتي هٽڻ لڳي، مسلمانن جي فوج ۾ شامل هڪ فوجي سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ جو وڏو معتقد هو، بي ساخته سندس زبان مان نڪتو: ياشيخ بايزيد! امداد فرمايو[1]! ان ئي وقت هڪ خوفناڪ باهه ظاهر ٿي، ڪافرن جو لشڪر ڀڄڻ لڳو ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي. (تذڪرة الاولياء، 146/1 ملتقطاً)

## پيشاب ۾ رت

اي عاشقانِ اولياءِ! جتي سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ جا درجا تمام اعليٰ آهن، اتي سندن ندامتون ۽ خوف خدا به نهايت متاثر ڪندڙ آهن. جيئن ته پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡهِ هڪ رات پنهنجي گهر جي ڇت تي تشريف کڻي ويا ۽ پيٽ کي پڪڙي پوري

[1] --- جيڪڏهن شيطان اهو وسوسو وجهي ته مدد رڳو الله پاڪ ئي ڪري سگهي ٿو، سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه پڪارڻ تي ڪنهن جي مدد ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ ته اهڙن وسوسن جي خاتمي لاءِ 20 صفحن تي مشتمل امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”جنن جو بادشاه “ جو مطالعو ڪيو. (شعبو بياناتِ اميرِ اہلِ سنت)

رات خاموش ويٺا رهيا، جنهن جي ڪري سندن پيشاب ۾ رت اچڻ لڳو. ماڻهن سبب پڇيو تہ ارشاد فرمايائون: ان جا ٻہ سبب آهن، پهريون تہ اڄ مان الله پاڪ جي عبادت کان محروم رهيس ڇو تہ مون کان رات جو عبادت نہ ٿي سگهي. ٻيو تہ ننڍپڻ ۾ مون کان هڪ گناهہ سرزد ٿي ويو هو، تنهنڪري مان انهن ٻنهي شين کان ايترو خوفزده هيس جو منهنجي دل رت ٿي وئي ۽ پيشاب جي رستي رت اچڻ لڳو. (تذكرة الاولياء، 133/1 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان رات جو غافل ٿي سمهي رهندا آهيون جڏهن تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها پنهنجون راتيون عبادت ۾ گذاريندا هئا. سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ ٻيو سبب اهو بيان فرمايو تہ ننڍپڻ ۾ مون کان هڪ گناهہ سرزد ٿي ويو هو. ياد رکو! نابالغ جو گناهہ شمار ناهي ٿيندو پر ان جي باوجود سيدنا بايزيد بسطامي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡهِ ڪيترو خوفزده هئا جو پيشاب جي رستي رت اچڻ لڳو! اسان بالغ، سمجهدار ۽ هن شيءِ جو شعور رکڻ جي باوجود تہ فلاڻو ڪم گناهہ ۽ الله پاڪ جي نافرماني آهي، بي ڌڙڪ ۽ عَلَي الاِعلان ڪندا آهيون ۽ ڪنهن جي مجال ناهي تہ اسان کي روڪ ٽوڪ ڪري سگهي. اسان فجر جي نماز جي وقت سُتل هوندا آهيون ۽ اسان کي ان ڳالهہ جو احساس ناهي ٿيندو تہ گهر ۽ محلي جي ماڻهن کي اسان جي نماز نہ پڙهڻ جو پتو پئجي ويندو. ظاهر آهي جڏهن الله پاڪ جو ڊپ نہ رهيو تہ ڪنهن ٻئي کان ڇا ڊڄڻ؟ الله جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان شرم نہ رهيو تہ ڪنهن ٻئي کان ڇا شرمائڻ؟

اسان جي حالت ايتري خراب ٿي چڪي آهي جو اسان سرِعام گناهہ ڪندا آهيون، سرِعام گاريون ڏيندا آهيون، نيڪ ناڪ ڪوڙ ڳالهائيندا آهيون، وعدو ڪري قصداً خلاف ورزي ڪندا آهيون ۽ ڏاڙهي ڪوڙائيندا آهيون حالانڪ ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام آهي جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: مجوسن هلڪيون ڪيو ۽ ڏاڙهين کي معافي ڏيو، يهودين جهڙي شڪل نہ ٺاهيو. (مسلم، ص 125، حديث 602-603 ماخوذاً)

افسوس! اسان کي ان ڳالهہ جو خوف ناهي ٿيندو ۽ نہ ئي شرم ايندو آهي تہ اسان ڏاڙهي ڪوڙائي الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن جهڙو چهرو ڪٽي گهمندا آهيون. ان سان گڏوگڏ اسان کي اُن ڳالهہ جو بہ ڪو احساس ناهي ٿيندو تہ اسان مزي سان وياج ۽ رشوت جو مال کائيندا آهيون، سرِ عام ملاوٽ وارو ڪم ڪندا آهيون ۽ ڪاروبار ۾ خوب ٺڳي ڪندا آهيون! هڪ طرف

تہ اسان جي هي حالتِ آهي ۽ ٻئي طرف الله پاڪ جي ولي حضرت سيدنا بايزيد بسطامي رَحْمَةُاللہِ عَلَيْہِ کي ڏسو تہ ننڍپڻ ۾ ٿيل هڪ گناھ کي ياد ڪري ايترا ڏنا جو پيشاب جي رستي رت اچڻ لڳو حالانڪ نابالغي جي حالت ۾ ڪيل گناھ قابلِ گرفت ناهي ٿيندو.

## گناه جي ياد پگهر آڻي ڇڏيو

اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُاللّٰہِ عَلَيْہِم کي جڏهن پنهنجا اڳوڻا گناھ ياد ايندا هئا تہ انهن تي رقت طاري ٿي ويندي هئي جيئن تہ حضرت سيدُنا عتبةُ الغلام رَحْمَةُاللہِ عَلَيْہِ جيڪي تمام وڏا ولي الله ٿي گذريا آهن، هڪ دفعي ڪنهن مقام تان گذريا تہ هڪ جاءِ جي ويجهو بيهي رهيا، رقت طاري ٿيڻ جي سبب پاڻ رَحْمَةُاللہِ عَلَيْہِ پگهر ۾ شل هئا. جڏهن ماڻهن پڇيو: سائين! هتي توهان جي هيءَ حالت ڪيئن ٿي وئي؟ فرمائڻ لڳا: هڪ دور ۾ هن جاءِ تي مون کان ڪو گناھ ٿيو هو لھٰذا جڏهن بہ مان هتان گذرندو آهيان تہ مون کي پنهنجو اهو گناھ شدت سان ياد ايندو آهي ۽ مون کي تمام گهڻي ندامت ٿيندي آهي ان جي ڪري هتي منهنجي هي حالت ٿيندي آهي. (حلية الاولياء، 246/6، حديث: 8471 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! نہ ڄاڻ اسان هڪ ڏينهن ۾ بلڪ هڪ ڪلاڪ ۾ بلڪ هڪ منٽ ۾ ڪيترا گناھ ڪري ڇڏيندا آهيون پر اسان کي ان جو احساس ناهي ٿيندو ڇوتہ اسان جو ضمير بلڪل مرده ٿي چڪو آهي. ياد رکو! اسان کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ٿيڻو آهي، چاهي اسان ڪيڏي ئي شان و شوڪت وارا ڇونہ هجون، چاهي اسان ڪيڏي ئي وڏي طاقت جا مالڪ ڇونہ هجون، چاهي اسان ڪيڏا ئي وڏا رئيس ۽ سرمائيدار ڇونہ هجون، چاهي اسان ڪيڏا ئي وڏا عهدي دار ۽ ڪيڏا ئي وڏا آفيسر ڇو نہ هجون، اسان کي الله پاڪ جو هي ارشاد پيشِ نظر رکڻو پوندو:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ (پ 18 سورت المؤمنون 115)


ترجموڪنزالايمان: پوءِ ڇا توهان اهو سمجهيو آهي تہ اسان توهان کي بيڪار پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان جي طرف موٽڻو ناهي.؟

اي عاشقانِ رسول! اها ڳالھ يقيني آهي تہ سيني کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ٿيڻو آهي، جيڪو ان جو انڪار ڪندو اهو مسلمان نہ رهندو. نہ ڄاڻ ڳناھ ڪندي اسان اهو چو وساري ڇڏيندا آهيون تہ اسان کي بارگاھِ الاهي ۾ پيش ٿيڻو آهي. دنيا ۾ جڏهن اسان ڪنهن بزرگ سان ملاقات لاءِ ويندا آهيون تہ مٿي تي رومال يا ٽوپي وغيره رکي ڇڏيندا آهيون، ان ئي طرح سگريٽ پيئندي جيڪڏهن اسان ڪنهن بزرگ کي سامهون ايندي ڏسي وٺون تہ فوري طور سگريٽ لڪائي ڇڏيندا آهيون يا هيٺ اڇلائي ان کي جلدي جلدي پيرن سان چيپاٽي ڇڏيندا آهيون، ڏسو! جڏهن اسان هڪ بزرگ کان ايترو شرم ۽ حيا محسوس ڪندا آهيون تہ الله پاڪ کان شرم ۽ حيا چو نٿا ڪريون جيڪو ”عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ“ آهي يعني ڪا بہ شيءِ ان کان پوشيده ناهي ۽ ان اسان کي ظاهري ۽ باطني هر طرح جي بي حيائي کان منع فرمايو آهي.

اي ڪاش! اسان جو ضمير بيدار ٿي وڃي ۽ اسان جو هي ذهن بڻجي وڃي تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي. جڏهن اسان جي اهڙي سوچ بڻجي ويندي تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان جي اندر ضرور ڳناهن جو احساس پيدا ٿيندو، جڏهن ڳناهن جو احساس پيدا ٿيندو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڳناهن کان بچڻ جي صورت بہ بڻبي ۽ جڏهن ڳناهن کان بچڻ جي صورت بڻبي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان کي ظاهري ۽ باطني ٻنهي طرح جون ترقيون نصيب ٿينديون.

الله پاڪ اسان کي سيدنا بايزيد بسطامي رَحمَةُاللهِ عَلَيه جي برڪتن سان مالامال فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net